CS (MAIN) EXAM, 2010

No. 187

E-DTN-K-TBB

SINDHI

(ARABIC)

Paper II

(Literature)

Time Allowed : Three Hours | *Maximum Marks : 300*

INSTRUCTIONS

Candidates should attempt questions no. 1 and 5 which are compulsory, and any THREE of the remaining questions, selecting at least ONE question from each Section.

All questions carry equal marks.

Answers must be written in Sindhi in Arabic script.

SECTION A

1- هيٺين مان ڪي به ٽي چٽيءَ طرح سمجهايو ۽ هرهڪ تي مختصر تنقيدي نوٽ لکو :- 20x3 = 60

(i) پاتشاهي نه پاڙيان سرتيون سُئيءَ ساڻ
ڍڪي اُگهاڙن کي ڪين ڍڪيائين پاڻ
ٻيهر ڄاپي ڄاڻ اِبر جي اوصاف کي .

Optional Province · optionalprovince.com

(ii) اڻ هوندي ڀولي وڌو جيءُ ڀرم ۾
جيئن ڪستوري ناڀ ۾ مرگهه ٻاهر ڦولي
اوديا پٽ کولي سامي ڏسي ڪينڪي.

(iii) ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي
ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحر چوي ڪو شاعر چوي
آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

(iv) سڏ پڙاڏو آه ساڳيو پر ٻڌڻ ۾ ڇو ٻه ٿيا؟
سمجهه سا سوچي سهي ڪر آه وائيءَ ور ڪٿي؟

2- (الف) سچل سائينءَ 'ڪيڙو مست پرين' ۾ ڇا چيو آهي؟ 30
(ب) سچل جي ڪلام مان حوالا ڏيئي ٻڌايو ته هو سنڌ جو منصور آهي. 30

3- (الف) ايڪانڪيءَ جا لازمي پهلو ٻڌايو. 30
(ب) 'اسان جي وجود جو مسئلو' ناٽڪ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون کيل آهن؟ 30

4- (الف) بيوس، هوت کي هردي ۾ وڃائڻ جو ڪهڙو ذڪر ڪيو آهي؟ 30
(ب) ڪشنچند 'بيوس' پنهنجي ڪلام ۾ زاهد جو ڪهڙو بيان ڪيو آهي؟ 30

Optional Province · optionalprovince.com

SECTION B

5 - هيٺين مان ڪي به ٽي چٽيءَ طرح سمجهايو ۽ هر هڪ تي مختصر تنقيدي نوٽ لکو :- 20×3 = 60

(i) منهنجي ڄاڻ کان سواءِ ئي اهو سادو سماروه شهر جي هڪ وڏي جلسي ۾ بدلجي ويو.

(ii) خبر اٿم ته مان جيڪي چاڪليٽ، بسڪيٽ ۽ صوف سنگترا کڻي ٿي وڃان سي شهناز کي کارائڻ بدران 'ننس' پاڻ ۾ ئي ورهائي کائي ٿيون ڇڏين.

(iii) 'مقدمه لطيفي' ٻن خوبين جو ضامن آهي. هڪ آهي نقاد جي خارجي نظر ۽ ٻي آهي ٻوليءَ جي اونهي ڄاڻ.

(iv) پٺيان مردن کي ڪجهه ٿي پيو ته اسان جو جيئڻ کهڙي ڪم جو ٿيندو.

6 - (الف) سڳن آهوجا سنڌي شاعريءَ جون ڪهڙيون ڌارائون ٻڌايون آهن؟ 30

(ب) ليکراج 'عزيز' شاعريءَ جا ڪهڙا قسم ٻڌايا آهن؟ 30

Optional Province · optionalprovince.com

7- (الف) تفصيل سان ٻڌايو ته پوپٽي هيرانندا ڻيءَ زندگيءَ
کي پنن ۾ ويڙهيل ڇو چيو آهي ؟ 30

(ب) پوپٽي هيرانندا ڻيءَ ستن ڀائرن ڀينرن جو ڪهڙو 30
بيان ڪيو آهي ؟

8- (الف) ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ 'هندو' اخبار جاري ڪرڻ 30
۾ ڪهڙيءَ طرح مدد ڪئي ؟

(ب) ڪيئن ٿا چئون ته چوئٿرام گدواڻي هندو سڀا هلچل 30
۾ شامل ٿيو تڏهن به ڪانگريس جو ڪم ڪڏهن به نه
وساريائين ؟

Optional Province · optionalprovince.com